# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

## Sindhi Language Authority

**سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 44هين گڏجاڻي تاريخ 27 جنوري 2025ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ تحقيق جي حوالي سان هيٺينءَ ريت فيصلا ڪيا ويا:**

**اسم:** سنڌ جي مقامي مرندڙ ٻولين کي محفوظ ڪرڻ جي رٿا.

- **فيصلو:** پاپا، ائر ۽ ٻين مرندڙ ٻولين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڳالهائيندڙن سان هيٺينءَ ريت رابطا ڪيا ويندا:

الف: ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس، جيئن تہ يونيسڪو پاران مرندڙ ٻولين واري ڪميٽي/ٽاسڪ فورس جو ميمبر آهي، ان کان ”جاٽايل ٻوليون ڳالهائيندڙن“ بابت رهنمائي ورتي ويندي.

ب: ثقافت کاتي جي ائڊيشنل سيڪريٽري سيد عطاءُ الله شاهه بخاريءَ جي تجويز تي فيصلو ڪيو ويو تہ هن ڏس ۾ ميرپورخاص ڊويزن جي ڪمشنر سان رابطو ڪري، تعلقي ۽ ديهہ سطح تائين ٽپيدارن ذريعي اها ٻولي ڳالهائيندڙن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**اسم:** سنڌي ٻوليءَ جي مُک لهجن تي دستاويزي فلمون ٺاهڻ جي رٿ جي منظوري.

- **فيصلو:** سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن تي تحقيق ۽ دستاويزي فلمن لاءِ ڪم جي شروعات ’ڪوهستاني لهجي‘ کان ڪئي وڃي ۽ ايئن مرحليوار ٻين مُک لهجن تي ڪم شروع ڪيو وڃي. ان لاءِ دستاويزي فلمون ٺاهيندڙ ادارن ۽ فردن کان بہ مدد وٺي سگهجي ٿي.

**اسم:** سنڌي ٻولي گئلري جي قيام جي منظوري.

- **فيصلو:** سنڌي ٻولي گئلري جي قيام جي منظوري ڏني وئي.

**اسم:** سنڌي الف. ب جو عجائب گهر ۽ اسٽيج جي تعمير جي منظوري.

- **فيصلو:** سنڌي الف. ب جو عجائب گهر ۽ اسٽيج جي تعمير جي منظوري ڏني وئي.

**اسم:** آن لائين سنڌي سکيا جا پروگرام 3D اينيميشن ۾ نهرائڻ جي منظوري.

- **فيصلو:** آن لائين سنڌي سکيا ڪورس کي 3D ۾ آڻڻ جي سڄي معاملي کي ڏسڻ لاءِ بورڊ آف گورنرس جي ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي.

اداري جو سيڪريٽري رابطي ڪار هوندو. هيءَ ڪميٽي سکيا ڪورس لاءِ ڪي بہ معياري نمونا ونڊبيندي ۽ سنڌي سکيا ڪورس لاءِ مڪمل خاڪو تجويز ڪندي.

**اسم:** سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق لاءِ انٽرنشپ جي تجويز تي غور ڪرڻ.

- **فيصلو:** اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي مختلف صنفن تي تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ پهرئين مرحلي ۾ ڪجهہ شاگرد انٽرنشپ لاءِ کنيا ويندا. جيڪي تحقيقي شعبي جي نگرانيءَ ۾ ڏنڌي وار لغتن کان سواءِ انسائيڪلوپيڊيا، ببليوگرافي واري شعبي ۾ پڻ ڪم ڪندا. جڏهن تہ انگ اکر گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ پڻ ويندا.

**اسم:** چيئرمئن جي منظوريءَ سان ڪنهن ٻئي اسم تي غور ڪرڻ.

- **فيصلو:** سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو مائڪروسافٽ جي ونڊو ۽ ٻيا سمورا پروگرام خريد ڪري، استعمال ڪندو. هن عمل سان مائڪروسافٽ سان پروگرامن ۽ ونڊوز جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي داخلا کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملندي.